سپاپتي
ڊاڪٽر چوئٿرام پرتابراءِ گدواڻي جي تقرير
پهرين سنڌ اسيمبلي ڪانگريس پروگرام
ڪانفرنس ڪنڊيارو (سنڌ) 29 مئي 1937ع
وندي ماترم

(ڪانگريس جي قيام کان وٺي ويندي هندستان جي ورهاڱي تائين سنڌ واسين هن جماعت جي دل تي خدمت ڪئي، جيستائين اجا هندو مسلم اختلاف ۽ نفاق سياست تي حاوي نه ٿيا هئا ان وقت تائين ننڍي کنڊ جي باقي ماڻهن جيان سنڌي به ڪانگريس ۾ دلچسپي وٺندا رهيا. ليڪن پوءِ خلافت تحريڪ جي خاتمي، نهرو رپورٽ جي ظاهر ٿيڻ بعد ۽ سنڌ جي بمبئي کان علحيدگي واري تحريڪ دوران سنڌ جا مسلمان ڪانگريس کان پري ٿيندا ويا ۽ سنڌ جا هندو ان پارٽيءَ جي ويجهو ايندا ويا. تان جو انهن مان ڪيترا ته مرڪزي ڪانگريس جا مکيه عهديدار به ٿيا.

1935ع واري انڊيا ائڪٽ لاڳو ٿيڻ کان پوءِ ۽ سنڌ کي صوبائي خودمختياري ملڻ بعد جڏهن هتي وزارتون جڙيون ته ڪانگريس سنڌو سنئون اقتدار ۽ اختيار جي ڪرسي تائين ڪڏهن به پهچي نه سگهي، ليڪن پوءِ به سنڌ اسيمبليءَ ۾ ان کي اهڙي پريشر گروپ جي حيثيت ملي جو ڪيتري عرصي تائين سنڌس ساٿ ڪانسواءِ ڪا به پارٽي حڪومت ڪري نه سگهي.

انهي پارٽي سان هزارين اختلاف رکڻ جي باوجود تاريخ جو شاگرد ڪڏهن به انهيءَ حقيقت تي پڙدو وجهي نه ٿو سگهي ته ڪانگريس اها واحد پارٽي هئي، جنهن پنهنجي پوئلڳن جي منظم نموني سان سياسي تربيت ڪئي ۽ انهن ۾ پارٽي ڊسپلين پيدا ڪيو، ان ڪري سياسي تاريخ ۾ هن پارٽيءَ ڊسيپلين پيدا ڪيو، ان ڪري سياسي تاريخ ۾ هن پارٽيءَ جو جڏهن به ذڪر ايندو ته پارٽي سان گڏ ان کي انسٽيٽيوشن جي حيثيت به ڏني ويندي.

سنڌ ۾ هن پارٽيءَ جي ڪارڪردگي بلاشڪ مثبت به رهي ۽ منفي به رهي، ليڪن باريڪ بينيءَ سان ڏٺو ويندو ته ان جي حڪمت عملي هڪ ئي محور تي بيٺل هئي ته هندستان ”گڏيل هندستان“ ٿي رهي، ان ڪري پهريون جڏهن سنڌ جي بمبئي کان علحدگي جي تحريڪ هلي ته هن جماعت ان جي مخالفت ڪئي، ان وقت جماعت جي روئي ۾ تبديلي تڏهن آهي جڏهن هندستان جو ورهاڱو اڪين نه ٿي ڏٺو، ان وقت به هن جماعت جي علحدگي جي مخالفت ڪئي، مگر پنهنجي روئي کي نرم بڻائيندي خاص طور تي سنڌ ڻ۾ اهڙي فضا آڻڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو، جنهن ۾ هندوءِ مسلمانن جو وچايل باهمي اعتماد، خلوص ۽ پيار وري حاصل ٿي سگهي، دلين تي نفرت جا چڙهيل پڙدا هٽي سگهن ۽ مسلمان ”گڏيل هندستان“ کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃن، ليڪن محبت جي انهيءَ مختصر تحريڪ

جي پيٽ ۾ نفرتن جو ٻج گهڻو اڳ ”شدي ۽ سنگهٹن جي تحريڪ“ دوران ڇٽيون ويو هو، ان ڪري نفرتن جي جهنگ ۾ هنن جو تازو ڇٽيل محبت جو ٻج سائو سلو ٿي نه سگهيو.

هن هيٺ اوهان جي خدمت ۾ ٻن ڪانگريسن جون تقريرون ڏنيون وڃن ٿيون، جن ۾ ڊاڪٽر چوئٿرام جي تقرير ۾ پارٽيءَ جي اندروني نظم و ضبط جي آئيندي جي ارادن جي جهلڪ نظر اچي ٿي ۽ مولانا چشتيءَ جي تقرير مان هن پارٽيءَ جي آخري ناڪام ڪوشش جا پڙلاءَ ٻڌڻ ۾ اچي ٿو.)

پيارا دوستو! نهايت خوشيءَ جو موقعو آهي جو ورهين کان پوءِ اسين سنڌ واسي پاٹر هنڙي ڪانفرنس ۾ گڏ ٿيا آهيون.

هن کان اڳي جيڪي ڪانفرنسون سنڌ ۾ پئي ٿيون آهن، سي سڀ وڏن شهرن ۾ ٿينديون هيون ۽ هيءَ پهرين ڪانفرنس آهي جا ڪنڊياري جهڙي ننڍي شهر ۾ سڏائي وئي آهي، ننڍي شهر ۾ ڪانفرنس سڏائڻ جي مراد اها آهي ته اسان جا ڳوٺاڻا پاٹر به هن ڪانفرنس جي ڪاروائيءَ ۾ سولائي سان بهرو وٺي سگهن.

اسان جي پرڳڻي جي آدمشماري جو وڏو حصو ڳوٺن ۽ ننڍن ننڍن واهڻن ۾ ٿو رهي، جيستائين اهي اسان جا ڳوٺاڻا پاٹر ۽ لکها هاري ۽ ناري اسانجن ڪانفرنس ۾ شريڪ نه ٿيندا، تيستائين اسان جا ڪانفرنسن مان گهڻو ڪڙ تيل ڪو نه نڪرندو، انهيءَ ڪري اسان کي ساهتيءَ جي ڪانگريس ڪم ڪندڙن ۾ ٻين ساهتيءَ جي هندو مسلمان دوستن جو شڪر گذار ٿيڻ گهرجي جو هن هنڙي سخت گرميءَ جي موسم ۾ ڪيترين تڪليفون برداشت ڪري اسان کي هتي پاڻ ۾ گڏجڻ جو وجهه ڏنو آهي.

ڪانفرنس جي مراد

توهان کي اڳئي معلوم ٿي چڪو آهي ته هيءَ ڪانفرنس ٻين راجنيتڪ يا سياسي ڪانفرنسن کان ڪن حالتن ۾ نرالي آهي، سنڌ پرانتڪ ڪانگريس ڪاميٽيءَ هيءَ ڪانفرنس انهيءَ لاءِ سڏائي آهي ته سنڌ اسيمبليءَ ۾ اسيمبليءَ جا ڪانگريسي ميمبر ڪانگريس جي ظاهر ڪيل نيتيءَ موجب جيڪي پروگرام اسيمبليءَ ۾ پيش ڪن تن جي عام ماڻهو پٺڀرائي ڪن، مون کي اها خاطري آهي ته توهين صاحب انهيءَ پروگرام جي باري ۾ جيڪي به ٺهراءُ هن ڪانفرنس ۾ ويچار لاءِ پيش ٿيندا تن جي پٺڀرائي ڪندا، پر مان اتي توهان جو ڌيان هڪ بنيادي ڳالهه ڏانهن ڇڪائڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهان، سنڌ اسيمبليءَ ۾ اسين ڪهڙيون به ڪٽي رٿون پاس ڪريون ته به اسان کي اها ڳالهه هرگز وسارڻ نه گهرجي ته انهن رٿن تي پوريءَ طرح عمل ٿي ڪين سگهندو، جيستائين اسان کي پورن سوراج حاصل نه ٿيو آهي ۽ اسان جي سماج ۾ اهڙو بنيادي ڦيرو نه آيو آهي، جو گهٽ ۾ گهٽ هر ڪنهن انسان کي پورو اَن، اوڇڻ ۽ اجهو ملي.

نون سڌارن موجب جيڪو حڪومت جو سرشتو ملڪ جي مرضيءَ خلاف اسان مٿان مڙهيو ويو آهي، تنهن سان نه ملڪ جي مفلسي دور ٿيندي ۽ نڪي ڪي بک ۽ بيروزگاريءَ جا مشڪل مسئلا حل ٿي سگهندا، انهي هوندي به انيڪ اهڙا سوال آهن جن جو اسان جي روزمره جي زندگيءَ سان تعلق ۽ لاڳاپو آهي ۽ جن جي باري ۾ اسيمبلين

دوران تحريڪ هلائي سگهجي ٿو ۽ ڪئين اهڙا عام اهنج آهن جن جي دور ڪرڻ لاءِ منجهن ڪجهه قدر اپاءُ وٺي سگهجن ٿا.

سنڌ اسيمبليءَ جي پهرين بيٺڪ

سنڌ اسيمبليءَ جي پهرين بيٺڪ جيڪا ڪاروائي هلي سا توهان جي ڌيان تي ضرور آئي هوندي، ڪانگريس ڌر انهيءَ بيٺڪ ۾ وزيرن ۽ اسپيڪرن جي پگهارن گهٽائڻ ۽ سيڪريٽرين جي مقرري جي خلاف جيڪا تحريڪ هلائي ۽ جفاڪشي ڪئي تنهن ۾ جيتوڻيڪ ڪانگريس ڌر پوري ريت ڪاميابي حاصل نه ڪئي ته به ان تحريڪ جو چڱو نتيجو نڪتو، وزيرن جي پگهارن ٻن هزارن ماهوار بدران پندرهن سئو مقرر ٿيو ۽ اسپيڪر جو هڪ هزار ماهوار بدران اٺ سئو رپيا ٿيو، سيڪريٽري جي مقرري اجا ٿي ڪا نه آهي، ڏسجي ته انهيءَ باري ۾ آگسٽ واري بيٺڪ ۾ ڇا ٿو ٿئي.

سنڌ اسيمبليءَ جي ٻي بيٺڪ ۽ نيون ٻلون

اوهان کي سڌ هوندي ته اسيمبليءَ جي ٻي بيٺڪ 17 اگسٽ تي سڏائي وئي آهي، جيتوڻيڪ بجيٽ تي ويچار ڪرڻ لاءِ اها بيٺڪ جون ۾ بلڪ ان کان اڳي سڏائڻ واجب هئي پر سمجهه ۾ نٿو اچي ته انهيءَ بيٺڪ سڏائڻ ۾ ڇو ايتري دير ڪئي وئي آهي، جيڪڏهن ڪن سببن جي ڪري اسيمبليءَ جي بيٺڪ 17 آگسٽ کان اڳي ڪوٺائڻ نا ممڪن آهي ته گهٽ ۾ گهٽ سنڌ سرڪار کي اها پڌرائي ڪرڻ گهرجي ته بيراج ايراضيءَ ۾ زمينن تي جيڪي نيون ٻلون وڌائڻ جي رٿ آهي سا رٿ عمل ۾ نه آندي ويندي، سنڌ سرڪار جو هيستائين انهيءَ باري ۾ چپ کي چنو لڳائي ويٺي آهي ۽ اسيمبليءَ جي بيٺڪ دير سان ٿي سڏائي تنهن مان عام جي دلين ۾ اهي گمان پئدا ٿي رهيا آهن ته اهي نيون ٻلون اسيمبليءَ جي رايي وٺڻ کان سواءِ ماڻهن تي مڙهيون وينديون، ڇو جو هاڻوڪين پنجن سالن جو سيٽلمينٽن جو مدو 31 جولاءِ 1937ع تي پورو ٿيڻو آهي ۽ 1 آگسٽ کان اڳي نئين سيٽلمينٽ جي سرڪار کي پڌرائي ڪرڻي آهي، اهڙي ضروري سوال جو تڙ تڪڙ ۾ اسيمبلي جي رايي وٺڻ کان سواءِ فيصلو ڪرڻ هن نالي جي پراننڪ جوابدار حڪومت کي به فارس ٻڌائڻو آهي،

تنهن ڪري سرڪار کي في الحال هڪ سال لاءِ ساعيڳب سيٽلمينٽون قائم رکڻ گهرجن، جنهن ڪري نين ٻلن جي باري ۾ اسيمبلي جي ميمبرن ۽ عام ماڻهن کي پنهنجي رايي ڏيڻ جو پورو پورو وجهه ملي، عام ماڻهن کي به سجاڳ ٿي اهڙي زبردست هلچل هلائڻ گهرجي جيئن سنڌ سرڪار ڪنهن به صورت ۾ اسيمبلي جي ميڙ گڏ ٿيڻ کان اڳي مٿيون ٻلون نه وجهي سگهي.

منهنجي مرضي نه آهي ته مان زمين جي ٻلن نسبت وڌيڪ ڪجهه چوان، مون کان وڌيڪ ته اوهان مان ڪيترن کي حالتن جي سڌ هوندي، ڪانگريس جو اهو رايو آهي ته ٻلن جو هاڻوڪو رخ ئي ايڏو وڏو آهي جو عام ريت ڪاتيدارن جون حالتون تمام پريشاني جون آهن، ڪن ٿورن وڏن زميندارن کان سواءِ عام ريت زميندارن ۽ ڪاتيدارن ۾ هاڻوڪن ٻلن ڏيڻ جي ئي سمرتي ڪانهي، انهيءَ ڪري جيڪڏهن مٿي وڌايل ٻلن جو بوجو مڙهيو ويو ته هن لاءِ وڏي مصيبت ٿيندي، انهيءَ ڪري عام ريت ڪاتيدارن ۾ هن وقت سخت بي چيني ڦهليل آهي، جو هو ڏسي رهيا آهن ته وڌايل ٻلون سندن باقي به حالت سقيم ڪنديون. ڪانگريس جي انهي ڪري اها نيتي آهي ته ٻلن وڌائڻ بدران پاڻ گهٽائڻ ضروري آهن، انهي ڪانسواءِ ڪانگريس جو رايو آهي ته تمام ننڍا ڪاتيدار جن کي پوک مان خير ڪا

ڪمائي آهي تن تان ڍلون صفا معاف ڪيون وڃن، باقي جيڪڏهن ڪي وڏا زميندار هزارها ڪمائين ٿا ته ڪانگريس جي اها رٿ آهي ته انڪم ٽيڪس سرشتي پٽاندڙ چلن جو نرخ ڪمائي آهر بيهاريو وڃي، هر ڪنهن زميندار ۽ ڪاتيدار کي باقاعدي پنهنجو حساب ڪتاب رکڻ گهرجي ته جيئن مقرر ڪيل ڪمائي اندر ڪنهن ڪان به انڪم ٽئڪس نه ورتي ويندي آهي، تئين ننڍن ڪاتيدارن لاءِ به ڪا حد ٺهرائي وڃي، جنهن ڪان گهٽ جيڪڏهن ڪنهن جي ڪمائي ٿئي ته هن ڪان ڪا ڍل نه ورتي وڃي، اهڙي ريت جن جي ڪمائي وڌيڪ آهي تن ڪان ڍلن جو نرخ وڌايل رکيو وڃي، يعني صاف ڪائي تي جيڪڏهن ڍلن جو نرخ رٿيو ويندو ته ڪنهن به دانهن ڪرڻ جو وجهه نه ملندو، جيڪي پاڳيا هوندا سي ڍلن جو وڌيڪ بوجو کڻندا ۽ جيڪي وچولا هوندا سي به واجبي ڏيندا ۽ جن جي حالت بنهه سقيم هوندي سي ڍلن ڏيڻ ڪان ڇٽل رهندا. مون کي اميد آهي ته اوهين ڪانفرنس ۾ انهي يا ٻي اهڙي رٿ تي غور ڪري ڪنهن واجبي فيصلي تي ايندا، هن وقت سرڪار نين ڍلن جي سرشتي اعتراض گهريا آهن مان جيڪر سپني هنڌ ڪانگريس ڪاميٽين کي وينتي ڪريان ته ننڍيون ڪاميٽيون هر هنڌ مقرر ڪيون وڃن، انهي مراد سان ڪاتيدارن کي اعتراض پيش ڪرڻ ۾ مدد ڪن، ڇو جو ڪيترا ويچارا ڪاتيدار ايترو اڻوجهه آهن جو هن کي اعتراض وغيره لکڻ به نه ايندا، ڪانگريس ڪاميٽين کي هن سڄي سوال جو اڀياس به ڪرڻ جڳائي، هر هڪ ايراضي ۾ هڪ سب ڪاميٽي کي گشت ڪري سڀ حقيقتون گڏ ڪرڻ کين ۽ انهن پٽاندر اختياري وارن کي لکيل اعتراض موڪلڻ گهرجن. انهي ڪان سواءِ جيڪڏهن ضروري سمجهيو وڃي ته انهن اعتراضن جي پٺڀرائي ۾ ٻي هڪ خاص ڪانفرنس ڪوٺائي وڃي جا زمينن جي ڍلن گهٽائڻ تي خاص طرح زور ڏي.

هارين جو سوال

جڏهن زميندارن ۽ ڪاتيدار جي اها حالت آهي تڏهن هارين جي ڪهڙي نه سقيم حالت هوندي سو هر ڪو سمجهي سگهي ٿو، ويجهڙائي ۾ هارين جي جوڙجڪ ڪاهڻ جي ڪوشش به ٿي آهي، پر اسان کي انهن ڪوششن کي وڌيڪ انتظامي صورت ڏئي سڄي سوال جو چڱيءَ ريت اڀياس ڪرڻ گهرجي، منهنجو ته اهو ويچار آهي ته هارين جي سڄي مسئلي تي ويچار ڪرڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي وڃي، اها ڪاميٽي هارين جي مالي حالت سڌارڻ ۽ سندن اهنجن ۽ تڪليفن کي دور ڪرڻ لاءِ پنهنجون رٿون اسيمبليءَ ۾ پيش ڪري.

رشوتخوري، رسائي، لاپو ۽ چيڙ

سرڪار هميشه منتظر رهندي آهي ته سندس قاعدن جي پوري ريت مڃتا ٿئي پر سرڪار ڪڏهن اهو به خيال ڪيو آهي ته سندس گهر ۾ ننڍا وڏا عملدار گهٽي پاڳي سرڪار جي گهڙيل قانونن جو گهات ڪري رهيا آهن، اڄ ڪنهن کي خبر آهي ته سرڪاري ڪاروبار ۾ رشوت خوري جام هلندڙ آهي ۽ رسائي، لاپي ۽ چيڙ ڪري عام سان وڏي پيڙا آهي، سرڪاري خزاني کي به ڪاٽ لڳي رهيو آهي، ڪاميٽيون مقرر ٿيون آهن، سرڪيولر نڪتا آهن، پر ان هوندي به اها مصيبت عام مٿان نازل ٿي آهي، سنڌ وزارت هينئر هڪ ڪانفرنس انهيءَ باري ۾ سڏائي آهي، پرمان جيڪر بنان ڊپ ڊاءُ جي ظاهر ڪريان ته رشوتخوري جو مرض اسان وٽان وڃڻو نه آهي، جيستائين بنياد ڪان حالتن ۾ ڦيرو نه آيو آهي، اها ڳالهه عالم آشڪار آهي ته سيڪريٽرين رکڻ جي رٿ به انهي خيال ڪان آندي وئي آهي ته ڪن ميمبرن کي رشوت ڏئي پاڻ وٽ رکجي، اول انهن ڳالهين ۾ ڦيرو اچڻ

گھرجي، رسائي وغيره کي اڄ هرڪو نندي رهيو آهي، پر آءُ ٿو پڇان ته خود گورنر جڏهن گشت تي ٿو نڪري تڏهن ڇا ٿو ٿئي؟ مان رڳو هڪڙو مثال ٿو وٺان ته گورنر جڏهن هڪ وڏي جاگيردار جي ڳوٺ ۾ ويو تڏهن خبر اٿس ته انهي موقعي تي سندس مرحبا ۽ مهانوازيءَ پٺيان هزارها رپيا ويا؟ رڳو ڪراچيءَ مان ئي انهي موقعي لاءِ ڪن هزارن جو مال چونڊ ۾ اچي ٿو ته خريد ڪيو ويو هو، اهڙي ريت ڪمشنر يا ٻيا وڏا عملدار به جڏهن گشت تي نڪرن ٿا تڏهن عام تي اها مصيبت پوي ٿي، منهنجي ڌيان تي ڪي هڪ ٻه مثال آندا ويا آهن جي هتي پيش ڪريان ٿو، هڪ گوري عملدار لاءِ سندس منزل تي برف جا ٻه پائونڊ ڏيندا هئا جي 12 رپيا موٽر جي رسائي فنڊ مان خرچ ڪري گهرايا ويا، ٻئي وڏي عملدار لاءِ مڇي جي چرڪي گهرائڻ لاءِ تپيدار ويهه روپيا موٽر ڀلي خرچيا، اهي حالتون جيستائين سڌريون ناهن تيستائين رسائي وغيره جو آزار قيام ڪين وڃڻو آهي، انهيءَ ڪري اول اول وڏن عملدارن کي گشت ڪرڻ وقت اکيون پٽي هلڻ گهرجي.

جيڪڏهن وڏا عملدار سچ پچ چاهين ته هو انهي آزار جي پاڙ پٽي سگهن ٿا، جيئن مون اڳئي چيو آهي ته جيستائين وڏا عملدار گورنر سوڌا پنهنجي گشت وغيره تي کاڌي ۽ رهائش جو بندوبست پنهنجي هٿن ۾ نه کڻندا تيستائين هي آزار دور نه ٿيڻو آهي.

تپيدارن کي به پنهنجي کاتي جو ڪم ڏيڻ گهرجي ۽ مٿن سپني قسمن جا ڪم مڙهڻ گهرجن، سندن پگهارن ۾ به ڪجهه واڌ ڪرڻ ضروري آهي، عام ۾ به اهو پرچار ڪرڻ گهرجي ته هو رسائي وغيره ڏيڻ کان انڪاري ٿين ۽ ساڻن ڪو ظلم ٿئي ته ماٺ ۾ سهڻ بدران انهي ظلم جي ڏونڪي سان پڌرائي ڪن، ڪانگريس ڪاميٽين کي هر هنڌ اهڙن مظلومن جي مدد ڪرڻ گهرجي ۽ سرڪار کي به هڪ خاص کاتو رسائي وغيره جي پاڙ پٽڻ لاءِ کولڻ گهرجي ۽ ڪن خاص بي ريا سي آءِ ڊي عملدارن دوران مخفي جاچ ڪري ڏوهي عملدارن کي سيکت ڏيڻ گهرجي ۽ مظلومن آيل شڪايتن جي به جاچ ڪري عملدارن ۾ اهڙو ڌهڪاءُ پيدا ڪرڻ گهرجي جو عام جي پيسي جي بي قاعدي لٽ نه ٿئي، رسائي جي بند ٿي ته لاپو به هليو ويندو، چيڙ کي قاعدي ۾ ڏوهه نهرائڻ گهرجي، جيڪڏهن سرڪار جي رٿيل ڪانفرنس ۾ اهڙا ڪي جرا اپاءَ ورتا ويا ته پوءِ حالتن ۾ ڦيرو اچي سگهي ٿو، ٻي صورت ۾ اهڙي ڪانفرنس مان ڪو ڪڙ تيل ڪو نه نڪرندو.

بيروزگاري

هن وقت وڏي ۾ وڏو سوال جو اسان مان هر هڪ کي ستائي رهيو آهي سو آهي بيروزگاري جو، ڳوناٺا هنر سڀ نابود ٿي ويا آهن، رڳو کيتيءَ تي گذارو ٿيڻ مشڪل آهي، انهيءَ ڪري بيروزگاري جو سچو علاج آهي ته سنڌ ۾ نوان ڪارخانا قائم ڪجن ۽ ڳوچاڻن هنرن کي زور وٺائجي.

سنڌ سرڪار کي ترت هڪ هنري ڪاميٽي وهاري تپاس ڪري ڏسڻ گهرجي ته نوان نوان ڪارخانا، هنر ۽ ڪاريگريون ڪٿي ڪٿي کولي سگهجن ٿيون، انهي کان سواءِ بجلي ڪمپنيون، فيڊر لائينون، بس سروسون ۽ ڪپهه ٽاڻن جا ڪارخانا سرڪار پنهنجي هٿ ۾ کڻي جيئن عام ماڻهن کي ان جو گهڻي ۾ گهڻو فائدو رسي، هن وقت گورن جون ڪمپنيون سيمينٽ جي ڪارخانن لاءِ ليسن وٺڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيون آهن،

سرڪار کي ڌارين کي اهڙن ليسنن ڏيڻ کان انڪار ڪرڻ گهرجي ۽ هڪ وڏو قرض ڪڍي هنرن کي هٿي ڏيڻ گهرجي.

سرڪاري ملازمن جي پگهارن جو سوال

پگهارن جي سوال ۾ به ڪانگريس جو ويچار آهي ته وڏن عملدارن ۽ ننڍن ڪامورن جي پگهارن وچ ۾ ايڏو ويڇو هئڻ نه گهرجي، سواءِ ڪن ماهرن جي عام رعيت عملدارن جو 500 کان مٿي پگهار نه هئڻ گهرجي، پر جيستائين ائين ممڪن ٿي سگهي تيستائين سنڌ وزارت کي اهو ٺهرائڻ گهرجي ته جيڪو به نئون عملدار ڪنهن به کاتي ۾ رکيو وڃي تنهن جو وزيرن کان وڌيڪ پگهار نه هئڻ گهرجي، پگهارن جي بدل سدل نسبت سرڪار کي هڪ نئين رٿ ٺاهڻ گهرجي جا ٽن سالن ۾ پوري ريت عمل ۾ اچي وڃي، ڪلارڪن ۽ ماسترن جي پگهارن ۾ ترت واڌ ٿيڻ گهرجي، پٽيوالن ۽ ٻين اهڙن ملازمن کي گهٽ ۾ گهٽ 20 روپيه ڏيڻ گهرجن.

مسافري جا وڏا ڀتا ڀاڙا بند ڪرڻ گهرجن

سنڌ الائونس ڏيڻ جي به هينئر ڪا ضرورت نه آهي ڇو ته اهي الائونس تڏهن ڏنا هئا، جڏهن بمبئي يا ٻين هنڌان عملدار گهرائبا ها، اهڙي ريت ٻين به ڪيترن خرچن ۾ ڪتر وجهڻ گهرجي، هينئر سرڪار پاران تخفيف ڪاميٽي مقرر ٿي آهي، مون کي اميد آهي ته اها ڪاميٽي پوري ريت غور ڪري خرچ ۾ چڱي چوکي ڪتر رٿيندي.

سيڪريٽرين جي مقرري

سنڌ ۾ ويجهڙائي ۾ هر هنڌ هندن ۽ مسلمانن جا گڏيل ميڙ پئي ٿيا آهن، جتي سيڪريٽرين جي مقررين خلاف زبردست ٺهراءُ پاس ٿيا آهن، پر عجب اهو آهي جو اجا سنڌ وزارت سيڪريٽرين مقرر ڪرڻ تان هٿ ڪو نه کنيو آهن، هر ڪو سمجهي رهيو آهي ته ڪن ميمبرن کي خريد ڪرڻ لاءِ اهي عهدا پيدا ڪيا ٿا وڃن. انهي ڪري عام ماڻهن کي ڏسڻ گهرجي ته ڪهڙيءَ ريت سندن پيسي جي حفاظت ڪن ٿا،

هرڪو اها ڳالهه قبول ڪندو ته ڪانگريس پائي پائي بچائڻ لاءِ ويهن ئي نهن جو زور پئي هلايو آهي، اجا سيڪريٽرين جون مقرريون ڪو نه ٿيون آهن، بجيٽ سيشن ۾ اهو سوال وري اچڻو آهي، جيڪڏهن عام رايو هن وقت مضبوط ڪيو ويو ۽ زبردست ۽ زبردست هلچل هلائي وئي ته مون کي وشواس آهي ته بجيٽ سيشن تي آگسٽ ۾ اها رٿ ٽڙجي ويندي.

سرڪاري ٿاڦيل ميمبرن جو سرشتو

اڄ جڏهن خود پرانتڪ اسيمبلين ۾ سڀ چونڊيل ميمبر آهن تڏهن ميونسپاليٽين ۽ لوڪليوربن، نوٽيفائيڊ ايريا ڪاميٽين ۽ سئنٽري ڪاميٽين ۾ سرڪاري ٿاڦيلن ميمبرن جو سرشتو هڪدم بند ڪرڻ گهرجي.

هن لوڪشاهيءَ ۽ وارڌاري جي زماني ۾ اهڙو سرشتو قائم رکڻ بيسود ۽ اجايو آهي، مان نٿو سمجهان ته ڪو به اهڙو سمجهو شخص هوندو جو انهي سرشتي جي قائم رهڻ جي فائدي ۾ هوندو.

دردناڪ واقعا

گذريل ٻن مهينن ۾ اسان جي پرڳڻي ۾ ڪن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ اهڙا دردناڪ واقعا ٿيا آهن جنهن ڪري اسان کي شرم سان ڪنڌ هيٺ ڪرڻو ٿو پوي، مذهب جي نالي تي بي گناهه انسانن جو خون وهائڻ اسان جي جهالت ۽ وحشي پڻي جي نشاني آهي، جن بيگناهن جا خون ٿيا آهن، تن جي ڪٽنبن ۽ عزيزن سان سندن ڏک ۽ هر ڪنهن سنڌ واسيءَ جي همدردي آهي، جيڪي به اهڙا خون ڪن ٿا سي نه رڳو ملڪ جا بلڪه انسانيت جا به دشمن آهن، مان اجا تائين سمجهي ڪو نه سگهيو آهيان ته قرآن ڦاڙڻ ۽ ساڙڻ جا حادثا جيڪي سنڌ جي جدا جدا شهرن ۾ هڪ ٻئي پٺيان پئي ٿيا آهن تن جو ڪارڻ ڪهڙو آهي ۽ ڪير اهڙي قسم جي شرارت لاءِ جوابدار آهن، اوهان کي معلوم هوندو ته انهي قسم جي شرارت جي شروعات جيڪب اباد ضلعي جي ميرپور ڳوٺ ۾ ٿي، مون شيخ عبدالمجيد، مسٽر چيٺمل پرسرام، پروفيسر گهنشام، مسٽر هاسارام پمناڻي ۽ مسٽر محمد امين کوسي ۽ ٻين دوستن انهيءَ قصي جي سر زمين تي وڃي جاچ ڪئي هئي، اسان کي انهي جاچ مان اهو پتو پيو ته اهو سمورو قصو هٿرادو هو، جن ميرپور جي هندن تي قرآن ڦاڙڻ جي تهمت ڌري وئي هئي، سي هندو ان ڏوهه لاءِ جوابدار نه هئا، انهي قصي جي بنياد اصل ٻيو ڪو مڪاني معاملو هو، جنهن جي پٽاندر مان هن موقعي تي ڪرڻ واجب نٿو سمجهان، ٻين شهرن ۾ ان کان پوءِ جيڪي حادثا اهڙي قسم جا ٿيا آهن، تن تي هي قصو ڪن خبيث شرارتين جو آهي، اهي شرارتي نه رڳو انهن بيگناهه هندن جي خونن لاءِ جوابدار آهن بلڪ جوش ۾ آيلن خون ڪندڙن مسلمانن کي ڦاسين تي لٽڪائڻ لاءِ به اهي ئي گنهگار آهن، جيڪي به اهڙي شرارت لاءِ جوابدار آهن تن کي هٿ ڪري سخت سزاياب ڪرائڻ گهرجي، سنڌ سرڪار کي ويهن ئي نهن جو زور لڳائي ڏوهين جو پتو ڪڍڻ گهرجي، جيستائين اهڙي قسم جا خطرناڪ انسان سزاياب نه ٿيا آهن تيستائين سنڌ جو امن امان خطري ۾ آهي، هن کان سواءِ سڀني سنڌ جي خيرخواهن کي عام ماڻهن ۾ اها منورتي يا ذهنيت پيدا ڪرڻ گهرجي ته ڪين اهڙن شرارتن جي چالبازين جو شڪار نه ٿيڻ گهرجي، ڪين اهو به ذهنشين ڪرائڻ گهرجي ته جيڪي شرارتي اهڙا ممڻ مچائين سي پاڻ ته هميشه سلامت رهجيو وڃن پر مسڪين ويچارا ابوجهه ۽ جاهل، ان کان سواءِ اسان کي سنڌ ۾ فرقيبازيءَ جي مرض جو علاج ڪرڻ لاءِ ڪي دائمي اپاءَ ڪتب آڻڻ گهرجن، هڪڙو علاج اهو اهي ته اسين ميونسپالٽين ۽ لوڪلبوردن وغيره ۾ جدا چونڊن جي بدران گڏيل چونڊن جو سرشتو جاري ڪرايون، شل اهو وقت جلد اچي جو اسين هندو مسلمانيءَ جو فرق وساري پاڻ کي سچا سنڌي سمجهون.

آخري وينتي

اچو ته گڏجي پنهنجن دلين مان سڀ شڪ شبه دور ڪري هڪ ٻئي ۾ وشواس ۽ ايمان رکي نئين سنڌ جي عمارت اڏڻ جو آرنڀ ڪريون، مٿي جن سوالن بنسبت مون ذڪر ڪيو آهي تن کان سواءِ ٻيا به ڪئين سوال آهن، جن جو ويچار وري ڪنهن ٻئي موقعي تي ڪنداسين.

مون کي اميد آهي ته اسان مان هرڪو هن ڪانفرنس کي ڪامياب بنائڻ جي ڪوشش ڪندو، پچاريءَ ۾ مان وري توهان کي يادگيري ڏيو ٿو ڏياريان ته سوراج کان سواءِ نڪي سنڌ جو نڪي هند جو پلو ٿيڻو آهي. شل اهو ڏينهن جلد اچي جو هندستان ۾ سچي قوميت جي لهر جي اثر هيٺ هندو، مسلمان ۽ ٻيا سڀ فرقا سڀ ويچا وساري پنهنجي ملڪ ۽ وطن جا خادم ۽ شيوڪ بڻجي ملڪ کي آزاد، آباد ۽ شاد ڪن.

http://gulhayat.com/drchoitram.asp

http://gulhayat.com/drchoitram.asp